# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1985

# SINDH ORDINANCE NO. III OF 1985

# سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊيننس، 1985

# THE SIND ARID ZONE DEVELOPMENT AUTHORITY ORDINANCE, 1985

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

باب –I

شروعاتي

Chapter–I

Preliminary

1. مختصر عنوان، نفاذ ۽ شروعات

Short title, application and commencement

2. وصفون

Definitions

باب –II

سنڌ ايرڊ زون ايراضي

Chapter–II

SIND ARID ZONE AREAS

3. زون ايراضين جي پڌرائي

Declaration of Arid Zone areas

**باب _III**

**اٿارٽيءَ جو قيام ۽ جوڙجڪ**

**ESTABLISHMENT AND CONSTITUTION OF THE AUTHORITY**

**Chapter_III**

4. اٿارٽي
Authority

5. اٿارٽيءَ جو قيام
Constitution of the Authority

6. ميمبرن جي نااهلي
Disqualification of members

7. ميمبرن لاءِ اعزازيو الائونس ۽ مراعتون
Remuneration, allowance and privileges to members

8. ڊائريڪٽر جنرل
Director General

9. ميمبرن کي هٽائڻ
Removal of members

10. آفيسرن ۽ صلاحڪارن کي مقرر ڪرڻ
Appointment of officers and advisors

11. مالي، فني، صلاحڪار ڪميٽيون وغيره
Financial, Technical Advisory Committees etc

**باب _IV**

**اٿارٽي ۽ ان جي ذيلي ادارن جا اختيار ۽ ڪم**

**Chapter_IV**

## POWERS AND FUNCTIONS OF THE AUTHORITY AND ITS FUNCTIONARIES AND THEIR WORKING

12. اٿارٽيءَ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Authority

13. چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Chairman

14. ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Director General

15. اٿارٽيءَ جون ميٽنگون

Meetings of the Authority

## باب _V

## ماليات آڊٽ ۽ اڪائونٽس

## Chapter_V

## FINANCE AUDIT AND ACCOUNTS

16. فنڊ

Fund

17. قرض، گرانٽون، امداد ۽ تحفا

Loans, grants, aid and gifts

18. فنڊ جمع ڪرائڻ

Crediting of the funds

19. فنڊن جي سيڙپڪاري ۽ استعمال

Investment and utilization of the fund

20. بجيٽ

Budget

21. آڊٽ ۽ اڪائونٽس

Accounts and Audit
22. رهتن جي وصولي
Recovery of dues

باب _VI

ڏوهہ ۽ انهن بابت عدالت جو اختيار

Chapter_VI

OFFENCES AND THEIR COGNIZANCE

23. ڏنڊ
Penalty
24. ڏوهہ جي ٻڌڻيءَ بابت عدالت جو اختيار
Cognizance of offence

باب _VII

متفرقہ

Chapter_VII

MISCELLANEOUS

25. حڪومت جو اٿارٽيءَ جي ڪنيل قدمن ۽ ڪارروائيءَ تي سرڪار جو ضابطو
Control of Government over acts and proceeding of the Authority
26. حڪومت کي هدايتن ڏيڻ جا اختيار
Power of the Government to give Directions
27. ساليانو رپورٽ
Annual report
28. اختيار منتقل ڪرڻ
Delegation of powers

.29 سرڪاري ملازم

Public Servant

.30 ضمانت

Indemnity

.31 قاعدا

Rules

.32 ضابطا

Regulations

.33 بهبوديءَ جي في

Betterment fee

.34 اٿارٽيءَ کي ختم ڪرڻ

Dissolution of the Authority

.35 دشوارين کي هٽائڻ

Removal of Difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1985

# SINDH ORDINANCE NO. III OF 1985

# سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊيننس، 1985

# THE SIND ARID ZONE DEVELOPMENT AUTHORITY ORDINANCE, 1985

[16 مئي، 1985]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ايرڊ زون ڊولپمنٽ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ايرڊ زون قائم ڪرڻ جو اهتمام ڪرڻو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

## باب _I

## شروعاتي

# Chapter_I

## Preliminary

مختصر عنوان، نفاذ ۽ شروعات
Short title, application and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايرڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊيننس، 1985 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين مضمون ۽ مفهوم جي برعڪس نہ هجي، تہ پوءِ:

(a) "ايرڊ زون" جو مطلب آهي جن ايراضين کي هن آرڊيننس جي دفعہ 3 مطابق پڌرو ڪيو ويو هجي؛

(b) "اٿارٽي" جو مطلب آهي هن آرڊيننس جي دفعہ 4 هيٺ قائم ڪيل سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي؛

(c) "بجيٽ" جو مطلب آهي اٿارٽيءَ جي آمدني ۽ روانگيءَ جو سرڪاري تفصيل؛

(d) "چيئرمين" جو مطلب آهي اٿارٽيءَ جو چيئرمين؛

(e) "ڊائريڪٽر جنرل"جو مطلب آهي اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل؛

(f) "فنڊ" جو مطلب آهي اٿارٽيءَ جو فنڊ؛

(g) "گورنمينٽ" جو مطلب آهي سنڌ حڪومت؛

(h) "لينڊ" ۾ شامل آهن لاڳاپيل زمين مان حاصل ٿيندڙ فائدا يا جيڪي مستقل طور ان سان لاڳاپيل ڪنهن شئي مان ملن؛

(i) "ميمبر" جو مطلب آهي اٿارٽيءَ جو ڪو بہ ميمبر بشمول چيئرمين؛

(j) "پرسڪرائيبڊ" جو مطلب آهي قاعدن ۾ قانونن ۾ واضح ڪيل؛
(k) "ريگيوليشنس" جو مطلب آهي هن آرڊيننس هيٺ جوڙيل ضابطا؛
(l) "رولس" جو مطلب آهي هن آرڊيننس هيٺ ٺاهيل قاعدا؛
(m) "اسڪيم" جو مطلب آهي هن آرڊيننس هيٺ جوڙيل، هٿ ۾ کنيل يا عمل هيٺ آيل اسڪيم؛

## باب _II
## سنڌ ايرڊ زون ايراضي
## Chapter_II
## SIND ARID ZONE AREAS

زون ايراضين جي پڌرائي
Declaration of Arid Zone areas

3.(1) سرڪار پنهنجي سرڪاري گزيٽ ۾ پڌرائي ڪري، ڪنهن بہ ايراضيءَ کي ايرڊ زون قرار ڏئي سگهي ٿي، ۽ وقت بہ وقت اهڙيءَ پڌرائيءَ ذريعي ڪا ايراضي شامل ڪري سگهي ٿي ۽ انهن جي حدن ۾ ڦيرگهير آڻي سگهي ٿي.

## باب _III
## اٿارٽيءَ جو قيام ۽ جوڙجڪ
## Chapter_III
## ESTABLISHMENT AND CONSTITUTION OF THE AUTHORITY

اٿارٽي
Authority

4. (1) سرڪار پڌرائيءَ ذريعي آرڊيننس جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ جي نالي سان هڪ اٿارٽي ڪندي.

(2) اٿارٽي هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي مستقل مالڪپڻي جا حق هوندا ۽ هڪ عام سيل هوندي ان کي هن آرڊيننس تحت اختيار هوندو تہ ڪا متحرڪ يا غير متحرڪ

جائداد وٺي، رکي يا نيڪال ڪري ۽ اها پنهنجي حقن مفادن لاءِ ڪيس ڪري سگهي ٿي، يا ان تي ڪيس ٿي سگهي ٿو.

(3) اٿارٽيءَ جو صدر دفتر ڪراچيءَ ۾ هوندو يا ڪنهن ٻئي هنڌ تي، جيڪو سرڪار پڌرو ڪري.

اٿارٽيءَ جو قيام
Constitution of the Authority

5. (1) اٿارٽي مشتمل هوندي چيئرمين تي، جيڪو سنڌ جو وڏو هوندو ۽ ٻيا سرڪاري خواهه غير سرڪاري ميمبر، جيڪي وقت بہ وقت سرڪار مقرر ڪندي.

(2) ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽيءَ جو ايڪس آفيشو ميمبر ۽ سيڪريٽري هوندو.

(3) سرڪاري ميمبر پنهنجي آفيس جي عهدي مطابق مقرر ڪيو ويندو تہ انهيءَ عهدي ڇڏڻ سان هو ميمبر نہ رهندو.

(4) غير سرڪاري ميمبر سرڪار جي خوشنوديءَ تائين ميمبر رهي سگهندو، پر ڪنهن بہ وقت سرڪار کي هٿ لکيل درخواست ڏئي استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

(5) چيف منسٽر ڪنهن ماڻهوءَ کي نامزد ڪري سگهي ٿو تہ اهو سندس غير حاضريءَ ۾ چيئرمين ٿئي.

ميمبرن جي نااهلي
Disqualification of members

6. ڪو بہ ماڻهو انهيءَ صورت ۾ ميمبر رهي نہ ٿو سگهي، جيڪو۔

(a) جنهن کي سرڪاري نوڪري مان ڪڍيو يا ڊسمس ڪيو ويو آهي؛

(b) جيڪو ذهني يا جسماني طور تي معذور ٿي چڪو آهي؛

(c) ڪنهن اخلاقي بدچاليءَ جي ڏوهہ ۾ سزايافتہ رهيو آهي؛

(d) هن آرڊيننس يا ان جي گنجائشن جي خلاف هن ڪو ڪم ڪيو هجي؛

(e) سندس اٿارٽيءَ جي ڪنهن پراجيڪٽ يا اسڪيم ۾ سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح ڪو مفاد هجي؛

(f) اثارٽيءَ جي مفادن خلاف سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح هن کي پنهنجا مفاد هجن؛

ميمبرن لاءِ اعزازيو الائونس ۽ مراعتون
Remuneration, allowance and privileges to members

7. حڪومت غير سرڪاري ميمبرن کي اعزازيو الائونس يا ٻيا مراعات ڏئي سگهي ٿي جيئن طئي ڪري.

ڊائريڪٽر جنرل
Director General

8. (1) حڪومت ڪنهن شخص کي ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪري سگهي ٿي، انهن شرطن تي جيئن اهي طئي ڪري.

(2) ڊائريڪٽر جنرل اثارٽيءَ جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ اثارٽيءَ جي اسڪيمن جي منصوبہ بندي، انهن کي لاڳو ڪرڻ ۽ انهن کي عمل ۾ آڻڻ جو ذميوار هوندو ۽ اهڙن ڪمن ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪيس هن آرڊيننس ڪرڻا آهن ۽ جيئن اثارٽيءَ جو چيئرمين ڪيس سونپي.

(3) حڪومت ڊائريڪٽر جنرل کي هٽائي سگهي ٿي، جيڪڏهن اهو-

(a) هن آرڊيننس مطابق ذميوارن نڀائڻ کان انڪار ڪري ٿو يا ذميوارين نڀائڻ جي لائق نہ رهيو آهي؛

(b) ڊائريڪٽر جنرل جي حيثيت جو غلط فائدو وٺي ٿو.

(c) سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح سرڪار جي تحريري اجازت کانسواءِ اثارٽيءَ جي جائداد، اسڪيم، پراجيڪٽ يا ٻئي ڪم ۾ ڪو حصو يا مفاد حاصل ڪيو اٿس يا اهڙي ڪوشش ڪئي اٿس.

ميمبرن کي هٽائڻ

9. ڪوئي غير سرڪاري ميمبر يا ڊائريڪٽر جنرل کي ڪنهن

Removal of members

ٻڌڻ جي موقعي ڏيڻ کانسواءِ عهدي تائين هٽائي سگهجي ٿو.

آفيسرن ۽ صلاحڪارن کي مقرر ڪرڻ
Appointment of officers and advisors

10. (1) اٿارٽي پنهنجي ڪارڪردگيءَ کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ اهڙا صلاحڪار ۽ آفيسر ۽ ٻيو اهڙو عملو مقرر ڪري سگهي ٿي، جن ۾ پيشورانو، فني، منسٽريل يا سيڪريٽريل صلاحيتون ۽ تجربو هجي، اهڙن شرطن تي جيڪي قاعدن ۾ ڄاڻايا ويا هجن.

(2) عملدارن، ملازمن ۽ عملي تي انتظامي قدم اهڙيءَ ريت لاڳو ٿيندا، جيئن قاعدن ۾ ڄاڻايا ويا هجن.

مالي، فني، صلاحڪار ڪميٽيون وغيره
Financial, Technical Advisory Committees etc

11. هن آرڊيننس جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ، اٿارٽي۔

(a) ضابطن مطابق مالي، فني يا صلاحڪار ڪميٽيون تشڪيل ڏئي سگهي ٿي؛

(b) چاهي ته اهڙي ماڻهوءَ يا ماڻهن کان ڪنهن مدت تائين مدد يا صلاح وٺي سگهي ٿي، جيئن مناسب ڄاڻي؛

## باب ـ IV

## اٿارٽي ۽ ان جي ذيلي ادارن جي ڪارڪردگي، ڪم ۽ اختيار

## Chapter_IV

## POWERS AND FUNCTIONS OF THE AUTHORITY AND ITS FUNCTIONARIES AND THEIR WORKING

اٿارٽيءَ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the

12. هن آرڊيننس جي باقي گنجائشن مطابق، اختياري اهڙا قدم کڻي سگهي ٿي ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿي، جيڪي هن آرڊيننس مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهن.

Authority

(2) اڳ مليل عام اختيارن جي منحرف نہ هجن تہ، اٿارٽي۔

(i) ڪا متحرڪ يا غير متحرڪ جائيداد خريد ڪري سگهي ٿي، ان تي ضابطو رکي سگهي ٿي، پاڻ وٽ رکي سگهي ٿي؛

(ii) ڪا جائيداد نيڪال ڪري سگهي ٿي؛

(iii) ايرڊ زون جي ترقيءَ جو ڪم هٿ ۾ کڻڻ بشمول زمينن، آبي وسيلن جي ترقي، عمارتن ۽ روڊن جي تعمير، ادارا جوڙڻ، خدمتن ۾ سڌارو آڻڻ ۽ انهن کي بحال رکڻ، عوامي سهولت لاءِ ايرڊ زون جي اقتصادي حالتن کي سڌارڻ؛

(iv) هن آرڊيننس جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي اسڪيمون جوڙڻ ۽ انهن کي لاڳو ڪرڻ؛

(v) آرڊيننس جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ پڪو ڪرڻ؛

(vi) ٺيڪن ۾ شامل ٿيڻ يا ٺيڪا هلائڻ؛

(vii) ايرڊ زون جي ترقيءَ لاءِ تعميراتي ڪمن ۽ تنصيبات منصوبہ بندي ڪرڻ، ڊزائنگ ڪرڻ ۽ انهن جي نظرداري ڪرڻ؛

(viii) ڪارڪردگي سڌارڻ لاءِ ضروري ساز و سامان خريد ڪرڻ ۽ مهيا ڪرڻ؛

(ix) مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ بهتر ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ گهربل قدم کڻڻ؛

(3) اختياري پنهنجي ڪمن جي اڪلائڻ لاءِ منصوبہ بنديءَ، تعمير، آپريشن، انتظاميہ ۽ ڊانچن کي برقرار رکڻ، تنصيبات، اداره سازي ۽ بين خدمتن لاءِ پروسي جوڳي اصولن تي مبني منصوبہ بندي ڪندي ۽ جوڙيل حڪمت عمليءَ ۽ وقت بہ وقت سرڪار کان ملندڙ هدايتن مطابق ايرڊ زون جي ترقي لاءِ ڪم ڪندي؛

(4) جيڪڏهن ڪو سوال اڀري تہ ڪو بہ مامرو پاليسيءَ مطابق آهي يا نہ، تہ پوءِ ان سلسلي ۾ حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the Chairman

13. چيئرمين اهڙيون خدمتون سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا ڪم ڪندو جيڪي هن آرڊيننس تحت کيس سونپيا ويا آهن.

ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the Director General

14. (1) ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽيءَ جو مک منتظم هوندو۔

(2) چيئرمين جي عام انتظام کان علاوه هن آرڊيننس جي قاعدن، ضابطن ۽ گنجائشن مطابق ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار ۽ ڪم هوندا.

(a) اٿارٽيءَ جي روزمره جي معاملن کي بهتر طريقي سان هلائڻ لاءِ موثر ڪنٽرول رکڻ جو ذميوار هوندو؛

(b) اٿارٽيءَ جي مالي امور تي نگراني ڪندو ۽ اٿارٽيءَ جو انتظام هلائيندو ۽ اهڙا ڪم ڪندو ۽ اختيار ڪم آڻيندو جيڪي هن آرڊيننس هيٺ کيس مليل آهن يا کيس منتقل ڪيا ويا آهن؛

(c) اٿارٽيءَ جي حڪمن ۽ اسڪيمن کي جلد لاڳو ڪرڻ لاءِ انهن تي نظر رکڻ ۽ ضروري قدم کڻڻ لاءِ ذميوار هوندو؛

(d) اٿارٽيءَ ۾ ڪم ڪندڙن تي انتظام رکڻ لاءِ کيس اختيار هوندو؛

اٿارٽيءَ جون ميٽنگون
Meetings of the Authority

15. (1) اٿارٽيءَ جون گڏجاڻيون اهڙي طريقي، وقت ۽ جڳهه تي ٿينديون، جيئن ضابطن ۾ ڄاڻايو ويو هجي؛

بشرطيڪو ان سلسلي ۾ جيستائين ڪي ضابطا نہ جوڙيا ويا آهن تہ ان وقت تائين گڏجاڻيون اهڙي طريقي سان ڪوٺايون وينديون جيئن چيئرمين هدايت ڪري؛

(2) اٿارٽيءَ طرفان جنهن بہ معاملي تي فيصلو ڪرڻو آهي، اهو اٿارٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ حاضر ميمبرن جي اڪثريتي ووٽ ذريعي ڪيو ويندو.

(3) هر ڪنهن ميمبر کي هڪ ووٽ ڏيڻ جو اختيار حاصل هوندو ۽ جيڪڏهن ووٽ موافقت ۽ مخالفت ۾ هڪ جيترا پون تہ پوءِ چيئرمين پنهنجو ڪاسٽنگ ووٽ استعمال ڪندو.

(4) اٿارٽيءَ جي هڪ پاڱي تي ميمبرن جي حاضري گڏجاڻيءَ جو ڪورم ٿيندو.

## باب ـ V

## ماليات آڊٽ ۽ اڪائونٽس

## Chapter_V

## FINANCE AUDIT AND ACCOUNTS

فنڊ
Fund

16. (1) ”سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي“ جي نالي ۾ اٿارٽيءَ جو هڪ الڳ فنڊ هوندو.

(2) اهو فنڊ مشتمل هوندو.

(a) سرڪار کان ملندڙ گرانٽس ۽ سب سڊيز.

(b) اٿارٽيءَ طرفان ورتل يا جاري ڪيل قرض.

(c) خدمتن سرانجام ڏيڻ تي اٿارٽيءَ کي ملندڙ فيز، ڪميشنون ۽ ٻيون وصوليون.

(d) ڪنهن لوڪل اٿارٽيءَ طرفان ملندڙ گرانٽس.

(e) وفاقي سرڪار، پاڪستان جي ڊونر ايجنسي يا ڪنهن ٻاهرين ايجنسي طرفان ملندڙ رقمون.

(f) اٿارٽيءَ کي وصول ٿيڻ واريون ٻيون رقمون.

قرض، گرانٽون، امداد ۽ تحفا
Loans, grants, aid

17. اٿارٽي سرڪاري جي پيشگي منظوري ۽ ان طرفان منظور ڪيل شرطن تي وٺي سگهي ٿي.

| | |
|---|---|
| and gifts | (a) هن آرڊيننس جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ بينڪن طرفان کان قرض؛<br>(b) پاڪستاني يا پرڏيهي ڊونر ايجنسيز کان گرانٽس، ايڊ، قرض يا تحفا؛ |
| فنڊ جمع ڪرائڻ<br>Crediting of the funds | 18. فنڊ لاءِ ورتل رقمون اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان يا ان جي شاخ يا اهڙيءَ شيڊولڊ بينڪ ۾ رکيون وينديون، جن کي سرڪار منظور ڪيو هجي؛ |
| فنڊن جي سيڙپڪاري ۽ استعمال<br>Investment and utilization of the fund | 19. (1) اٿارٽيءَ پنهنجا، فنڊن جي وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت جي سيڪيورٽي يا سرڪار طرفان منظور ڪيل سيڪيورٽيءَ ۾ سيڙپڪاري ڪري سگهي ٿي؛<br>(2) اٿارٽي هن آرڊيننس جي مقصدن حاصل ڪرڻ يا هنن ڪمن جي ادائيگي طور ڪپائي سگهي ٿي-<br>(a) ايرڊ زون جي ترقيءَ تي ايندڙ يا اسڪيمن تي ڪم ڪرائڻ ۾ ايندڙ خرچ؛<br>(b) هن آرڊيننس تحت ورتل ڪنهن جائيداد جي معاوضي طور؛<br>(c) قرضن پرڻ ۽ وياج ڏيڻ تي؛<br>(d) پگهارون ۽ ڀيو معاوضو بشمول ڊائريڪٽر جنرل، ايڪسپرٽس ڪنسلٽنٽس، هن آرڊيننس تحت قائم ڪيل ايجنسيز جي ملازمن ۽ اٿارٽيءَ جي ملازمن کي ڏنو ويندو. |
| بجيٽ<br>Budget | 20. (1) اٿارٽي هر مالي سال لاءِ آمدني ۽ روانيءَ جا انداز لکي، اهڙو بيان نئين مالي سال جي اچڻ کان ٽي مهينا اڳ سرڪار کي منظوريءَ لاءِ پيش ڪندي. |

(2) سرڪاري اهڙي پيش ڪيل بجيٽ کي دفعه (1) تحت ڪي تبديلين ڪرڻ يا نه ڪرڻ سان منظور ڪندي؛

(3) جيڪڏهن سرڪار طرفان بجيٽ جي منظوري نئين مالي سال جي اچڻ کان اڳ نه ٿي ملي، ته اهو سمجهيو ويندو ته سرڪار بجيٽ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي.

(4) اٿارٽي، سرڪار جي منظوريءَ کانسواءِ بجيٽ ۾ ڄاڻايل خرچ کان وڌيڪ خرچ ڪري نه ٿي سگهي.

آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Accounts and Audit

21. (1) اٿارٽي هن آرڊيننس جي قاعدن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي اڪائونٽ جو رڪارڊ ۽ حساب ڪتاب رکندي.

(2) اٿارٽي قاعدن مطابق ساليانِي بئلنس شيٽ تيار ڪندي ۽ رکندي.

(3) اٿارٽيءَ جو اڪائونٽ هر مالي سال ۾ هڪ دفعو سرڪار طرفان مقرر ڪيل ٻاهرين آڊيٽرن کان اهڙي معاوضي تي ڪرائي ويندي، جيڪو سرڪار متعين ڪري.

(4) ذيلي دفعه (3) مطابق قطعي آڊٽ ڪيل اڪائونٽس جو بيان آڊيٽرن جي رپورٽن سميت سر مالي سال جي ختم ٿيڻ کان چار مهينا اڳ سرڪار کي پيش ڪئي ويندي.

رهتن جي وصولي
Recovery of dues

22. اٿارٽي ڪنهن به شخص يا ماڻهن جي جماعت کان پنهنجون رهتون ليند روينيو جي بقاياجات طور واپس وٺندي.

## باب _VI

## ڏوهه ۽ انهن بابت ڪيسن جي ٻڌڻيءَ جو اختيار

## Chapter_VI

## OFFENCES AND THEIR COGNIZANCE

ڏنڊ
Penalty

23. (1) هن آرڊيننس جي روشنيءَ ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ يا اسڪيم کي لاڳو ڪندڙ جي ڪم ۾ ڪير به رنڊڪون وجهي ٿو

يا رنڊڪن وجهڻ جو ڪارڻ ٿئي ٿو ته يا هن آرڊيننس قاعدن ۽ ضابطن هدايت ڏنل ڪنهن حڪم يا هدايت جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو جيڪي ڪنهن اسڪيم تي ٽيندڙ ڪم بابت ڏني وئي آهي، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جنهن جو مدو ٻارنهن مهينن تائين ڏنڊ سميت وڌي سگهي ٿو ۽ ڏنڊ وڌائي ڏهه هزار روپيا ڪري سگهجي ٿو يا ٻئي سزائون گڏ ڏئي سگهجن ٿيون.

(2) مٿي ڄاڻايل ذيلي دفعه ۾ ڄاڻايل ڪو شخص جيڪڏهن ڪا ڪمپني آهي يا ٻي باڊي ڪارپوريٽ آهي، ته ان جو ڊائريڪٽر، آفيسر يا نمائندو، جيستائين اهو ثابت نه ٿو ڪري ته ڪيل ڏوهه هن جي ڄاڻ ۾ نه آهي يا هن اهڙي ڏوهه کي روڪڻ لاءِ اختيار استعمال ڪيا آهن، ته ان کي هن ڏوهه ۾ ڏوهاري سمجهيو ويندو.

ڏوهه جي ٻڌڻيءَ بابت عدالت جو اختيار
Cognizance of offence

24. (1) ڪا به ڪورٽ هن آرڊيننس تحت ٿيل ڪنهن ڏوهه تي عدالتي ڪاروائي ڪري نه ٿي سگهي، جيستائين اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل يا هن طرفان بااختيار بڻايل ماڻهو اهڙيءَ لکت ۾ شڪايت نه ٿو ڪري.

(2) ڪا به ڪورٽ، جنهن جو جج فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ جي رتبي کان گهٽ آهي، هن آرڊيننس تحت ٿيل ڏوهه جي ڪيس جي ٻڌڻي ڪرڻ جي مجاز نه هوندي.

## باب _VII

## متفرقه

## Chapter_VII

## MISCELLANEOUS

حڪومت جو اٿارٽيءَ جي ڪنيل قدمن ۾

25. اٿارٽيءَ جا سمورا قدم ۽ سموريون ڪاروايون سرڪاري ضابطي سان مشروط هونديون، حڪومت ڪنهن قدم يا

ڪارروائيءَ تي سرڪار جو ضابطو
Control of Government over acts and proceeding of the Authority

ڪاروائيءَ کي بدلائي سگهي ٿي يا روڪي سگهي ٿي.

حڪومت کي هدايتن ڏيڻ جا اختيار
Power of the Government to give Directions

26. (1) حڪومت اٿارٽيءَ کان ڪو دستاويز، طلبيل معلومات، اسٽيٽمينٽ، انگ اکر يا اٿارٽيءَ بابت ڪا معلوماتي وٺي سگهي ٿي ۽ اٿارٽي اهڙي طلب جي موٽ ڏيڻ لاءِ ذميوار هوندي.

(2) حڪومت وقت بہ اٿارٽيءَ جي هدايت ۽ عمل ڪرڻ لاءِ اهڙيون هدايتون ڏئي سگهي ٿي، جيڪي ضروري سمجهي.

سالياني رپورٽ
Annual report

27. اٿارٽي هر مالي سال جي پڄاڻيءَ کان ٽي مهينا اڳ پنهنجي سالياني ڪارڪردگيءَ جي رپورٽ سرڪار کي پيش ڪندي.

اختيار منتقل ڪرڻ
Delegation of powers

28. (1) اٿارٽي عام طريقي يا خاص طريقي موجب، جيڪڏهن حالتن جي تقاضا هجي تہ ڊائريڪٽر جنرل، ڪنهن آفيسر يا اٿارٽيءَ جي ڪنهن ملازم کي هن آرڊيننس قاعدن ۽ ضابطن جي روشنيءَ ۾ ڪي اختيار، ڪي ڪم يا فرض سونپي سگهي ٿي.

(2) چيئرمين يا ڊائريڪٽر ڪنهن ميمبر، آفيسر يا اٿارٽيءَ جي ڪنهن ملازم کي هن آرڊيننس يا ان جي قاعدن ضابطن جي

روشنيءَ ۾ اختيار سونپي سگهن ٿا، پر اهي نہ جيڪي ڪين ڏيلي دفعہ (1) ۾ ڏنا ويا آهن.

سرڪاري ملازم
Public Servant

29. اٿارٽيءَ جو چيئرمين، ميمبر، آفيسر ۽ ملازم هن آرڊيننس يا ان جي قاعدن ضابطن مطابق ڪو ڪم ڪندي، پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 21 هيٺ مطابق سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

ضمانت
Indemnity

30. حڪومت اٿارٽي، چيئرمين، ميمبر يا ڊائريڪٽر جنرل يا ڪوئي آفيسر يا اٿارٽيءَ جي ڪنهن بہ ملازم خلاف ڪو بہ ڪيس داخل نہ ڪري سگهبو يا قانوني ڪارروائي نہ ڪري سگهبي، انهيءَ بابت جيڪو انهن نيڪ نيتي ڪيو آهي يا هن آرڊيننس قاعدن ۽ ضابطن مطابق ڪجهہ نيڪ نيتي سان ڪرڻ لاءِ سوچيو آهي.

قاعدا
Rules

31. هن آرڊيننس جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطا
Regulations

32. (1) اٿارٽي هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قاعدن جي روشنيءَ ۾ آرڊيننس جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

(2) اهي خاص ڪري عام اختيارين جي برعڪس نہ هوندا، پر اهي انهن ڳالهين بابت هوندا ـ

(i) اٿارٽيءَ جون گڏجاڻيون؛

(ii) اٿارٽيءَ جو ڪاروهنوار هلائڻ؛

(iii) مالي، فني ۽ صلاحڪار ڪميٽي جوڙڻ؛

(iv) مالي ڪاروهنوار هلائڻ؛

(v) اٿارٽيءَ تي واجب فيس اوڳاڙڻ ۽ واپس ڪرڻ؛

(vi) هن آرڊيننس جي تقاضا جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪنهن معاملي تي سوچڻ؛

بهبوديءَ جي في
Betterment fee

33. (1) جتي اٿارٽيءَ جو خيال آهي ته ڪنهن اسڪيم تي عمل ڪندي نتيجي طور جائيداد جو ملهه وڌي ويو آهي يا وڌي ويندو، ته انهيءَ جائيداد تي اٿارٽي بهبوديءَ واري في لاڳو ڪري اوڳاڙي سگهي ٿي، انهيءَ ماڻهوءَ سان جيڪو انهيءَ جائيداد جو مالڪ آهي يا انهيءَ جائيداد ۾ ڪنهن جي دلچسپي آهي.

(2) بهبوديءَ واري في اهڙي ملهه مطابق لاڳو ڪئي ۽ اوڳاڙي ويندي جيڪا جائيداد جي ملهه جي اڌ جيتري نه هوندي، جيڪو اسڪيم تي ڪم ڪرڻ کان اڳ ۾ جائيداد جو ملهه هوندو جيئن اختياري اهو طئي ڪري.

(3) جڏهن اختياري کي معلوم ٿئي ٿو ته ڪا اسڪيم مناسب نموني سان ترقي ڪري ٿي ۽ بهبوديءَ واري في ان تي لاڳو ڪري سگهي ٿي، ته اٿارٽي انهيءَ سلسلي ۾ ڪو حڪم جاري ڪري بيٽرمينٽ في لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪري سگهي ٿي ۽ ائين سمجهيو ويندو ته اسڪيم مڪمل ٿي چڪي آهي ۽ پوءِ لڳت ۾ جائيداد جي مالڪ يا ان ۾ مفاد رکندڙ ماڻهوءَ کي جائيداد تي بهبودي واري في پرڻ لاءِ اختياري طئي ڪئي وئي.

(4) ذيلي دفعه (3) جي تحت اٿارٽي طرفان ڏنل بهبود واري في جي 15 ڏينهن گذرڻ کانپوءِ، يا جيڪڏهن انهيءَ بيٽرمينٽ في بابت حڪومت کي اپيل ڪئي وڃي ٿي، ۽ اها اپيل رد ٿئي ٿي ته اٿارٽي پنهنجي ضابطن جي روشنيءَ ۾ اهي بهبوديءَ واري في لاڳو ڪندي ۽ اوڳاڙيندي.

اٿارٽيءَ کي ختم ڪرڻ
Dissolution of the

34. (1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيڪفيشن ڏئي اٿارٽيءَ کي ختم ڪري سگهي ٿي، انهيءَ تاريخ کان جڏهن نوٽيفڪيشن

Authority

شايع ٿيو آهي، اٿارٽيءَ کي ختم ٿي ويندي.

(2) اٿارٽيءَ جي تحليل ٿيڻ کان هڪدم پوءِ-

i. سموريون جائيدادون، فنڊ ۽ رهتون جيڪي اٿارٽيءَ جي نالي تي هيون، سي اٿارٽي تحليل ٿيڻ کانپوءِ حڪومت جي نالي ٿي وينديون؛

ii. سموريون جائيدادون، فنڊ ۽ رهتون جيڪي ڏيتي ليتي ۾ ٿيون آهن، يا جنهن جو ذڪر آرڊيننس جي شق (1) ۾ آيو آهي، اهي اٿارٽيءَ جي تحليل ٿيڻ کان اڳ اٿارٽيءَ وٽ هيون يا ان کي اوڳاڙڻيون هيون اهي اٿارٽيءَ جي تحليل ٿيڻ کانپوءِ حڪومت پاڻ، اٿارٽيءَ جو ڪو فرد يا ان سلسلي ۾ ڪو مقرر ڪيل ماڻهو اهي اوڳاڙيندو؛

iii. سموريون جائيدادون فنڊ ۽ رهتون سواءِ ان جي جنهن جو ذڪر دفعه (1) ۾ اچي ٿو ۽ جنهن کي اٿارٽيءَ کي اوڳاڙڻيون هيون، سي اٿارٽيءَ جي تحليل ٿيڻ کانپوءِ سرڪار کي اوڳاڙڻيون پونديون.

iv. سموري ذميواري جيڪي اٿارٽي کي پوريون ڪرڻيون هيون سي اٿارٽي جي تحليل ٿيڻ کانپوءِ حڪومت جي حوالي ٿي وينديون؛

v. هن آرڊيننس جي روشنيءَ ۾ منظور ڪيل ڪنهن به هلنڌڙ اسڪيم جي پوري ڪرڻ واري مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ جائيدادون واپس وٺڻ لاءِ، فنڊ ۽ رهتون جن جو ذڪر شق (i) ۽ (ii) ۾ ٿئي ٿو ۽ جيڪي اٿارٽيءَ جي چيئرمين کي هن آرڊيننس جي روشنيءَ ۾ وصول ڪرڻيون هيون سي گورنمينٽ يا ان طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن ماڻهوءَ کي وصول ڪرڻيون پونديون.

دشوارين کي هٽائڻ
Removal of Difficulties

35. هن آرڊيننس جي گنجائشن مان ڪنهن کي پوري ڪرڻ ۾ جيڪڏهن ڪا دشواري اچان اچي ٿي تہ سرڪار پنهنجي حڪم ذريعي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اها دشواري ختم ڪري سگهي ٿي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**